# ابدي ڇوٽڪارو

(يوحنا ٨:١ــ١٢)

"يسوع زيتون جي پهاڙ تي ويو آهي صبح سوير هو وري هيڪل ۾ آيو ۽ سڀ ماڻهو ان وٽ آيا ۽ هو ويجي انهن کي تعليم ڏيڻ لڳو فقيو ۽ فريسي هڪ عورت کي وني آيا جيڪا زنا ۾ پڪڙي ويئي هئي ۽ انکي وچ ۾ بيهاري يسوع چيو ته ڇا هي عورت زنا ڪرائيندي پڪڙي ويئي آهي. ته توريت ۾ موسيٰ اسان کي حڪم ڏنو آهي اهڙين عورنن کي سنگسار ڪرڻ گهرجي بس هن عورت جي نسبت ڇا ٿو چوي.؟ انهن هن کي آزمائڻ لاءِ ائين چيو ته ان تي الزام لڳائڻ جي ڪو سبب ڪڍو. پر يسوع هيٺ جهڪي زمين تي ڪجهه لکڻ لڳو، جڏهن هو ان کان سوال ڪندا رهيا ته هن سڌوئي انهن چيو جيڪو توهان مان بي گناه هجي اهو پهريان هن کي پٿر هٽي سگهي ٿو ۽ وري جهڪي ڪري زمين تي آڱر سان لکڻ لڳو آهي هي ٻُڌي وڏن کان وني ننڍن تائين هڪ هڪ ڪندا نڪرندا ويا ۽ يسوع اڪيلو رهجي ويو ۽ عورت اتي ئي وچ ۾ رهجي ويئي،يسوع سڌو ٿي ان کي چيو ته اي عورت هي ماڻهو ڪيڏانهن ويا ڪنهن به توتي حڪم نه هلايو؟ اي خدا وند ڪنهن به نه، يسوع ئي چيو مان به توهان تي حڪم نٿو هلائي سگهان وڃ وري گناه نه ڪجان.

اسان سيني کي گهرجي ته نجات جي راز کي ڄاڻون ۽ ان تي ايمان رکون، يسوع پنهنجي ٽپي اهڙي طرح ان کي سموري گناهن کان رهائي

**بخشي يسوع وري انهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته مان دنيا جو نور آهيان جيڪو منهنجي پيروي ڪندو اهي اونداهي ۾ نو ر حاصل ڪري سگهندو."**




يسوع اسان کي ابدي ڇوٽڪارو بخشيو ، هن دنيا ۾ ڪوبه اهڙو شخص ناهي جيڪو يسوع تي شخصي نجات ڏيندڙ جي حوالي سان ايمان آڻي ڇوٽڪارو حاصل ڪري نه سگهيو هجي. ان اسان سڀني کي مخلصي بخشي جيڪڏهن هڪ گهنگار پنهنجن گناهن تي ماتم ڪندو آهي ته ان شخص جي وجهي سبب لاعلمي آهي ته يسوع پنهنجي تبي هڻڻ جي سبب کهڙي طرح ان کي سمورن گناهن کان رهائي بخشي.

اسان کي گهرجي ته نجات جي راز ڄاڻيون ۽ ان تي ايمان رکون يسوع پنهنجي تبي هڻڻ جي ذريعي دنيا جا سڀ گناهه کنيا ۽ اسان جي گناهن جي سزا برداشت ڪئي ۽ هو اسان جي خاطر صليب تي مري ويو.

توهان کي سياڻي روح جي نجات تي ايمان رکڻ گهرجي، يعني سموري گناهن جي ابدي ڇوٽڪاري تي توهان کي هن جي عظيم محبت تي ايمان رکڻ گهرجي، جنهن توهان کي پهريان ئي راستباز شخص بڻائي

Free book request www.nlmission.com

ڇڏيو آهي. جيڪو ڪجهه هن توهان جي نجات لاءِ سمورن لڪل اردن درياهه ۾ صليب تي ڪيو ان تي ايمان رکو.

۽ يسوع اسان جي سمورن گناهن کان واقف هيون.ڪجهه ماڻهو گناهه جي بابت غلط سوچ رکن ٿا. اهي سوچين ٿا ته ڪجهه گناهن جي معافي نه ٿي ملي.

يسوع سمورن گناهن کي معاف ڪيو يعني هرگناهه کي.

هن دنيا ۾ ڪوبه اهڙو گناهه نه آهي جيڪو هن معاف نه ڪيو هجي ڇو ته هن دنيا جا سڀ گناهه معاف ڪيا انهيءَ لاءِ وڏيڪ ڪو گهنگار ناهي.

ڇا توهان هن خوشخبري کان واقف آهيو جنهن توهان کي سمورن گناهن کان ڇوٽڪارو ڏياريو، هيتسائين جو توهان جي مستقبل جي گناهن کي به؟ انهيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيو ۽ نجات حاصل ڪريو ۽ خدا جي حلال ۾ پيهر داخل ٿيو.

## عورت جيڪا زناڪاري ۾ پڪڙي ويئي

*دنيا ۾ ڪيترا ماڻهو زنا ڪن ٿا؟*

*سڀ ماڻهو.*

يوحنا ٨ باب ۾ هڪ عورت آهي، جيڪا زنا ڪاري جي فعل ۾ پڪڙي ويئي.۽ اسان ڏسون ٿا ته يسوع هن کي ڪهڙي طرح بچايو اسان ان

فضل جو ذڪر ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو هن حاصل ڪيو اهو چوڻ ڪافي نه آهي ته سڀ انسان پنهنجي سڄي حياتي زناڪاري رهندا آهن، هر جان زنا ڪاري ڪندي آهي.

جيڪڏهن ائين نظر نٿو اچي ته اهو انهيءَ لاءِ جو اسان اڪثر ائين ڪندا آهيون ۽ اسان کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته اسان اهو نه ڪيو آهي ڇو انهيءَ ڪري جو اسان جي زندگي ۾ تمام گهڻي زناڪاري موجود هوندي آهي.

سون عورت تي نظر رکي تصور ڪيو ته اسان جي وچ ۾ هڪ به اهڙو شخص ناهي جنهن زناڪاري نه ڪئي هجي اهڙو ڪو به شخص ناهي جنهن عورت وانگي زناڪاري نه ڪئي هجي جيڪا پڪڙي ويئي. اسان سڀني ائين ڪيو آهي ۽ اسان فقط عذر پيش ڪيون ٿا ته اسان ائين نه ڪيو آهي.

ڇا توهان جي خيال ۾ آءُ غلط چئي رهيو آهيان؟ بلڪل نه آءُ غلط نٿو چوان پنهنجو پاڻ تي غور ڪريو، ته روي زمين تي هر شخص ائين ڪيو آهي.

اهي گهڻي ۾ چوڏيل ٻڌي عورت کي ڏسڻ باوجود پنهنجي خيالن ۽ عملي طور تي ڪنهن به وقت ڪنهن به جاءِ تي زناڪاري ڪن ٿا.

انهن کي اهو احساس نه هوندو آهي ته هو ائين ڪن ٿا. اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جنهن کي مرڻ جي ڏينهن تائين اهو احساس نه ٿيندو آهي ته هو پنهنجي سموري زندگي ۾ بي شمار دفعا زناڪاري ڪري چڪا هوندا آهن.

صرف پڪڙي پوڻ وارا ماڻهو ئي نه پر اهي سڀ جيڪي ڪڏهن پڪڙيا ئي نه هجن ائين ڪن ٿا، سمورا ماڻهو پنهنجن خيالن ۾ يا عملي طرح

ائين ڪن ٿا، ڇا اهو اسان جي زندگي جو حصو نه آهي؟

ڇا توهان پريشان ٿي ويئو اهو سچ آهي ته اسان ان معاملي کي پري ڪريون ٿا ڇو ته اسان پاڻ ئي انهيءَ ڪم کي شوق سان قبول ڪريون ٿا منهنجي خيال ۾ انهن ذينهن ۾ سڀ ماڻهو زناڪاري ڪندا رهيا. پر انهن کي اهو احساس نه ٿيندو هو ته هو ائين ڪري رهيا هئا.

ماڻهو پنهنجن روحن ۾ به زناڪاري ڪندا آهن ۽ اسان جن کي خدا پيدا ڪيو هن زمين تي بنا سوچي سمجهي زندگي گذاريون ٿا ته اسان پنهنجن ئي روحن ۾ زناڪاري ڪريون ٿا ٻين بتن جي پوجا ڪرڻ زناڪاري آهي انهيءَ لاءِ ته خداوند تمام انساني نسل جو واحد مڙس آهي.

جيڪا عورت زناڪاري جي فعل ۾ پڪڙي ويئي اها به اسان انسانن وانگي هڪ عام انسان هئي ان به خدا جو فضل اسان وانگي حاصل ڪيو هيو. جنهن کي ڇوٽڪارو مليو آهي. پر رياڪار فريسي ان کي پنهنجي وچم آڻي بيهاريو ان تي ائين ئي آگريون کنئيون جڻ شايد اهي انصاف ڪندا هيا.۽ ان کي گهنگار ڪرڻ وارا هيا. اهي انهيءَ جي مٿان کلي ائين انصاف ڪرڻ وارا هيا جڻ ته اهي سڀاڻي پاڪ هيا يا انهن ڪڏهن زناڪاري نه ڪئي هئي.

مسيحي ساٿي جيڪي پاڻ کي گناه جو ڳڙه سمجهندا آهن اهي خدا جي اڳيان ڪنهن ٻئي تي الزام نه لڳائيندا آهن. ڇو ته انهن کي خبر هوندي آهي ته انهن پنهنجي سموري زندگي زناڪاري ۾ گذاري ۽ انهيءَ ڪري هو خدا جو فضل حاصل ڪندا آهن جنهن جي سبب اسان سڀني کي ڇوٽڪارو حاصل ٿيو. فقط اهي ماڻهو تسليم ڪندا آهن جن سدائين زناڪاري ڪئي آهي. اهي ئي خدا جي اڳيان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي

اهل آهن.

## ڪير خدا جو فضل حاصل ڪندو آهي؟

ڇا فضل اهڙي شخص کي حاصل هوندو آهي جيڪو زناڪاري ڪانسواءِ زندگي گذاري يا نااهل شخص کي جيڪو ائين ڪندو آهي؟ هي اهو ئي شخص آهي جنهن کي سندس اڻ ڳڻيو فضل حاصل هوندو آهي . جيڪي پنهنجي مدد نه ٿا ڪري سگهن، جيڪي ڪمزور ۽ بي يار مددگار آهن. جيڪي هن جي فضل جي ماتحت آهن.




جيڪي ماڻهو پاڻ کي بي گناهه سمجهن ٿا اهي ڇوٽڪارو حاصل نٿا ڪري سگهن اهي ڪهڙي طرح انهيءَ جي فضل جو ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهن ٿا. جڏهن انهن جي اندر ۾ اهڙي ڳالهه ئي نه آهي. جنهن کي معاف ڪري سگهجي.

فقيها ۽ فريسي زناڪاري جي عين ڪرتوت وقت ۾ پڪڙيل عورت کي گِسيٽي يسوع جي سامهون آندو ۽ پنهنجي وچ ۾ بيهاري يسوع کان پڇيو اي استاد هيءَ عورت زنا ڪاري جي عين ڪرتوت ۾ پڪڙي ويئي آهي،

توهان هن عورت جي نسبت ڇا ٿا چئو، انهن جو ان عورت کي يسوع جي سامهون آندو ۽ ان جي آزمائش ڪئي.

پاڻ انهن ڪيترائي ڀيرا زناڪاري ڪئي هئي پر اهي چاهين پيا ته يسوع جي ذريعي هن جو فيصلو ڪري ان عورت کي ماري ڇڏجي ۽ الزام يسوع تي لڳائجي، يسوع ڄاڻي پيو ته انهن جي دلين ۾ ڇا آهي ۽ ان عورت جي بابت هن کي سڀ ڪجهه خبر هئي انهيءَ لاءِ هن چيو ته جيڪو توهان ۾ بي گناهه هجي پهريان اهو ڳي هن کي پٿر هڻي پوءِ فقياءُ فريسي وڏن کان وٺي ننڍن تائين هڪ هڪ ڪندا نڪري ويا ۽ يسوع ۽ عورت اڪيلا رهجي ويا.

اتان پڇي وڃڻ وارا فقيا فريسي مذهبي اڳواڻ هيا اهي زناڪاري ۾ پڪڙيل عورت جو انصاف ڪرڻ وارا هيا جڻ ته اهي گهنگار نه هجن. يسوع هن دنيا ۾ محبت جو اعلان ڪيو ۽ هو محبت جو پيڪر هو. يسوع ماڻهن کي ڪاڌو کارايو، مري ويلن کي زنده ڪيو، بيوه جي پٽن کي پيهر زندگي بخشي لعزر کي زنده ڪيائين. ڪوڙهين کي شفا بخشي ۽ عزيزن لاءِ معجزا ڪيا. ان سيني گهنگارن جا گناهه کنيا ۽ انهن کي ڇوٽڪارو بخشيو. يسوع اسان کي پيار ڪري ٿو ۽ هو قادر مطلق آهي، جيڪو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. پر فقيا ۽ فريسن ان کي پنهنجو دشمن سمجهيو انهيءَ سبب هو ان عورت کي آڻي ان جي آزمائش ڪرڻ لڳا.

انهن پڇيو اي استاد توريت ۾ موسيٰ اسان کي حڪم ڏنو آهي ته اهڙين عورتن کي سنگسار ڪريو، آخر تون انهيءَ جي نسبت ڇا ٿو چوي. انهن جو خيال هو ته هو انهن کي عورت سنگسار ڪرڻ لاءِ چوندو! ڇو؟ جيڪڏهن اسان خدا جي شريعت ۾ لکيل ڳالهين تي عمل ڪريون ته سڀ

ماڻهو جيڪي زناڪاري ۾ ملوث آهن. ڪنهن عذر ڪانسواءِ سنگسار ڪيا ويندا.

سيني کي سنگسار ڪرڻو پوندو ۽ سڀ جهنم ۾ وڃڻ لاءِ مقرر ٿي چڪا آهن. گناهه جي مزدوري موت آهي. پر يسوع انهن کي ان عورت کي قتل سنگسار ڪرڻ لاءِ نه چيو پر ان جي بدران هي چيو ته جيڪو توهان مان بي گناهه آهي سڀ کان پهريان اهو هن عورت کي پٿر هڻي.

*خدا ڇو اسان کي شريعت جا*
*613 آرٽيڪل بخشيا؟*
*ته جيئن اسانکي واضع ڪري.*

شريعت غضب پيدا ڪري ٿي، شريعت ۽ خدا پاڪ آهن هي شريعت **613** آرٽيڪلز جي صورت ۾ اسان وٽ آئي خدا جو اسان کي **613** آرٽيڪلز تي مشتمل شريعت ڏيڻ جو مقصد اهو سمجهائڻ هيو ته اسان ڄاڻون ته اسان گهنگار آهيون. ته اسان اٽپور ماڻهو آهيون اها اسانکي تعليم ڏيئي ٿي ته نظر رکڻي پوندي. جيڪڏهن اسان ڳالهه کي ڄاڻڻ ڪانسواءِ رڳو لکيل جي باري ۾ سوچيون ٿا ته اسان سيني کي به انهيءَ وانگر سنگسار ٿيڻو پوندو. جهڙي ريت اها عورت جيڪا زناڪاري ۾ پڪڙي ويئي هئي. شايد فقيا ۽ فريسي جيڪي انهيءَ شريعت جي سچائي کان اڻ ڄاڻ هيا اهو سوچيو هجين ته هو ان عورت ۽ اسان کي به شايد سنگسار ڪري سگهن پيا. ڪير ان بي يارو مددگار عورت تي پٿرا اڇلائي سگهي پيو؟ جتوڻيڪ اها هن فعل ۾

پڪڙي ويئي پر دنيا جو ڪو به شخص ان کي سنگسار نه ڪري سگهيو پئي.

جيڪڏهن ان عورت ۽ اسان جو انصاف رڳو شريعت جي مطابق ٿئي ها ته ان عورت سان گڏ اسان کي عبرت ناڪ سزا ملي ها. پر يسوع اسان کي بچايو اسان جيڪي گهنگار آهيون. اسان کي گناهن ۽ راست عدالت کان بچايو ويو جيڪڏهن سمورن گناهن سان گڏ خدا جي شريعت جي لکڻ مطابق سختي سان عمل ڪيو وڃي ها.ته اسان مان ڪير زنده رهي سگهي پيو؟

اسان مان ڪير هر هڪ جهنم ۾ وڃو وڃي ها.

پر فقيو ۽ فريسي رڳو لکيل شريعت مان واقف هئا جيڪڏهن هن جي شريعت کي صحيح طرح لاڳو ڪيو وڃي ها ته پڪ سان هن عورت جي موت جو سبب ٿئي ها ته خدا جي شريعت انسانن جي لاءِ انهيً ڪري بخشي ويئي ته هو پنهنجن گناهن کان واقف ٿي سگهن پر انهن انهيً ڪري مصيبت کنئي ڇو ته انهن هن کي غلط سمجهيو ۽ ان جو غلط استعمال ڪيو.

بائبل ۾ جيڪو فريسين جو ذڪر آهي انهن وانگر ئي اڄ جا فريسي به شريعت کي رڳو لفظ طور سمجهن ٿا. انهن کي خدا جو فضل ۽ ان جو انصاف ۽ سچائي به سمجهڻ گهرجي. انهن کي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڇوٽڪاري جي خوشخبري جي تعليم ڏيڻ گهرجي.

فريسين چيو « توريت ۾ موسيٰ اسان کي حڪم ڏنو آهي ته اهڙين عورتن کي سنگسار ڪيو، توهان هن جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟» انهن پر اعتماد طريقي سان پٽر کڻي اهو پڇيو.

انهن کي مڪمل يقين هيو ته يسوع وٽ هن جي باري ۾ ڪا ڄاڻ

نہ آهي.

اهي انهيءَ انتظار ۾ هيا تہ يسوع انهن جي ڄار ۾ ڦاسي پوي. جيڪڏهن يسوع شريعت جي مطابق انصاف ڪيو هجي ها تہ اهو بہ انهن جي هٿان سنگسار ٿي وڃي ها، انهن جو مقصد هنن ٻنهي ڄڻن کي سنگسار ڪرڻ هيو.

جيڪڏهن يسوع چوي ها تہ عورت کي سنگسار نہ ڪيو وڃي تہ انهن جو هي جواب هجي ها تہ يسوع شريعت جي حقارت ڪئي آهي. ۽ اهي هن کي بہ سنگسار ڪري ڇڏين ها اهو ڪيترو قدر خطرناڪ منصوبو هيو.

پر يسوع جهڪي آڱر سان زمين تي لکڻ لڳو ۽ هوءَ ان کان سوال ڪندي رهي هن جي بابت ڇا ٿا چئو؟ توکي زمين تي ڇا لکي رهيو آهين؟ ٿورو اسان جي سوال جو جواب ڏي تون ڇا ٿو چوين؟

هو يسوع جي مٿان آڱريون کڻي ان کي تڪليف ڏيندا رهيا. يسوع اُٿي انهن کي چيو جيڪو توهان ۾ بي گناهہ آهي اهو ئي هن پهريون پٿر هڻي. وري هن جهڪي زمين تي لکڻ شروع ڪيو جن ماڻهن اهو ٻڌو انهن جا ضمير انهن کي ڏوهاري ڪرائڻ لڳا پوءِ اهي سڀ وڏي کان وٺي ننڍي تائين هڪ هڪ ڪري نڪري ويا يسوع ان عورت سان گڏ اتي اڪيلو رهجي ويو جيڪا هن جي اڳيان بيٺي هئي.

## جيڪو توهان ۾ بيگناهه آهي اهو ئي پهريان هن ڪي پٿر هڻي.

*گناهه ڪٿي لکيا ويا آهن؟*

*اسان جي دل جي تختين ۽ اسان جي عملن جي ڪتابن ۾ .*

يسوع انهن کي چيو ته توهان ۾ جيڪو بيگناهه آهي سو پهريان اُن کي پٿر هڻي ۽ جهڪي زمين تي لکڻ شروع ڪيو. پوءِ وڏن مان ٢ ماڻهو وڃڻ شروع ٿيا، نوجوان ۾ نڪري ويا. فرض ڪريو يسوع اسان جي وچ ۾ بيٺل هجن ها ۽ اسان عورت جي پرپاسي بيٺل هجون ها، جيڪڏهن يسوع اسان کي چئي ها ته جيڪو توهان ۾ بيگناهه آهي هو پهريان پٿر هڻي ته توهان جو ردعمل ڪهڙو هجي ها؟ يسوع زمين تي ڇا لکي رهيو هو خدا جنهن اسانکي پيدا ڪيو، اهو اسان جي گناهن کي ٢ مختلف جائين تي لکي ٿو، « يهوداه جو گناهه.

لوهه جي قلم ۽ هيري جي نوڪ سان لکيو ويو آهي، ان جي دل جي تختي تي ۽ ان جي ڪُنل جانورن جي سڱن تي لکيو ويو آهي». (يرمياه ١٧ : ١) خدا يهوداه وسيلي جيڪو اسان جو نمائندو آهي ڳالهائي ٿو.

انساني نسل جو گناهه لوهه جي قلم ۽ هيري جي نوڪ سان لکيو ويو آهي. هو اسان جي دل جي تختين تي لکيل آهن. يسوع جهڪيو ۽ هن زمين تي لکيو ته ماڻهو گهنگار آهن.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان گناهه ڪريون ٿا ۽ هو گناهن کي اسان جي دل

جي تختين تي لکي ٿو. پهريان هو اسان جا اعمال يعني گناهه لکي ٿو. جيڪي شريعت سامهون ڪمزور هئڻ ڪري ڪريون ٿا. جيئن ته گناهه اسان جي دل تي لکيل آهن. ان لاءِ جڏهن اسين شريعت تي نظر ڪريون ٿا ته اسانکي پنهنجي گهنگار هجڻ جو احساس ٿئي ٿو.

۽ يسوع زمين تي لکڻ لاءِ وري جهڪيو ڪلام پاڪ فرمائي ٿو ته اسان جا سمورا گناهه خدا اڳيان اسانجي اعمال جي ڪتاب ۾ لکيل آهن. (مڪاشفه ۲۰ : ۱۲) ماڻهوءَ جو نالو ۽ ان جا اعمال هن ڪتاب ۾ درج آهن ۽ اهي انسان جي دل جي تختي تي به لکيل آهن. اسان جا گناهه ٻيهر لکيا ويا آهن. يعني اعمال جي ڪتناب ۽ دل جي تختي تي.

گناهه انسان جي دل جي تختي تي لکيل آهن. جنهن ۾ ننڍا توڙي وڏا سڀ گناهه شامل آهن. ان لاءِ انهن وٽ پنهنجي گناهه متعلق يسوع جي سامهون هئڻ لاءِ ڪجهه به هو، جو عورت کي سنگسار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا. هو سڀ ان جي ڪلام جي سامهون بيوس بڻجي چڪا هئا.

*اسان جا گناهه جيڪي ٻن جاين تي لکيل آهن ڪڏهن متايا ويا؟*

*جڏهن اسان پنهنجي دلين ۾ پاڻي ۽ يسوع جي رت جي ڇوٽڪاري کي قبول ڪيو.*

پر جڏهن اوهان ڇوٽڪارو حاصل ڪريو ٿا، توهان جا سڀ گناهه

اعمال نامہ مان منايا وڃن ٿا ۽ اوهان جو نالو حياتي واري ڪتاب ۾ درج ڪيو وڃي ٿو. جن جا نالا حياتي واري ڪتاب ۾ لکيل مليا، اهي آسمان تي ويندا.، انهن جا نيڪ ڪم يعني اهڙا ڪم جيڪي انهن خدا جي بادشاهت ۽ ان جي راستبازي لاءِ هن دنيا ۾ ڪيا ، اهي سڀ حياتي واري ڪتاب ۾ درج آهن ۽ ان ڪي آسمان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ قبول ڪيو ويو آهي. جن ڪي ان جي گناهن ڪان ڇڏايو ويو اُهي ابدي سر زمين ۾ داخل ٿيا.

هر ماڻهو جا گناه ٻن جاين تي لکيل آهن. ان لاءِ ڪوبہ ماڻهو خدا ڪي دوکو ڏئي نہ ٿو سگهي. ڪوبہ اهڙو ماڻهو ناهي جنهن پنهنجي دل ۾ گناه ۽ زناڪاري نہ ڪئي هجي. اسان سڀ گهنگار ۽ ڪمزور آهيون.

جن ماڻهن پنهنجي دلين ۾ يسوع جي ڇوٽڪاري ڪي قبول نہ ڪيو آهي پنهنجي گناهن تي ماتم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهن. اهي پر اعتماد نہ آهن هو خدا ڪان ڊنل آهن. پنهنجي گناهن جي ڪري خدا ۽ انسان ڪان ڊڄن ٿا، پر جنهن مهل هو پنهنجي دل ۾ پاڻي ۽ روح جي خوشخبري ڪي قبول ڪن ٿا، جيڪي سمورا گناه، انهن جي دل جي ڦرهي ۽ اعمال نامي ۾ داخل ٿيل آهن، اهي ڊاهيا وڃن ٿا. انهن ڪي سندن سمورن گناهن ڪان ڇڏايو وڃي ٿو.

آسمان تي هڪ حياتي جو ڪتاب آهي، انهيَ ڪتاب ۾ انهن ماڻهن جا نالا داخل ٿيل آهن، جيڪي پاڻي ۽ روح جي ڇوٽڪاري تي ايمان رکن ٿا ۽ اهي ئي آسمان تي ويندا.

اهي انهيَ ڪري زمين تي ويندا جو انهن هن دنيا ۾ گناه نہ ڪيا پر انهيَ ڪري ڪين پاڻي ۽ روح جي ڇوٽڪاري تي ايمان آڻ ڪري. انهن ڪي سمورن گناهن ڪان ڇڏايو ويو اها ايمان جي شريعت آهي.

پيارا ساٿيو! فقيه ۽ فريسي به انهيءَ عورت وانگر، جيڪا زناڪاري دوران پڪڙي وئي گهنگار هئا.

حقيقت ۾ هنن وڏيڪ گناهہ ڪيا هئا. انهيءَ ڪري هنن ڪوڙي دعويٰ ڪئي ۽ پاڻ کي دوکو ڏنو تہ هو گهنگار نہ آهن. مذهبي اڳواڻ اهڙا چور هئا جن وٽ ظاهري جا پروانا موجود هئا، اهي ماڻهن جي روحن جي انهن جي زندگين جا چور هئا.

هنن ساراهہ جوڳي نموني يسوع کي تعليم ڏيڻ جي سگهہ ساري. جيتوڻيڪ هنن پاڻ به اڃا تائين ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪيو هو.

شريعت مطابق ڪوبہ ماڻهو بي گناهہ نہ آهي پر انسان سڌي راهہ تي نہ ٿو هلي. جڏهن تہ هو گناهہ نہ ٿو ڪري پر انهيءَ لاءِ انهيءَ کي سندس سمورن گناهن کان آزادي بخشي ويئي آهي ۽ انهيءَ جو نالو حياتي جي ڪتاب ۾ لکيو ويندو آهي. خاص ڳالهہ اها تہ آهي تہ هڪڙي ماڻهو جو نالو حياتي جي ڪتاب ۾ لکيل هجي، ڇا ڪاڻ تہ انسان گناهہ کان آزاد ٿي زندگي گذاري نہ ٿو سگهي. انهيءَ ڪري انهيءَ کي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

توهان جي آسمان تي وڃڻ جي قبوليت جو دارومدار انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ توهان کي خدا جي فضل کي حاصل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو دارومدار انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہتوهان يسوع جو ڇوٽڪارو قبول ڪريو ٿا يا نہ. انهيءَ عورت سان ڇا ٿيو، جيڪا پڪڙي ويئي هئي؟ هوءَ پنهنجيون اکيون بندي ڪري بيٺي هئي، انهيءَ لاءِ هوءَ ڄاڻي پيئي تہ سندس مرڻ ضروري ٿي چڪو هو. شايدهوءَ خوف ۽ پيشمانيءَ واري عالم ۾ روئي رهي هئي. موت کي منهن ڏيندي ماڻهو پاڻ سان ديانتدار ٿي ويندا آهن.

Free book request www.nlmission.com

اي خدا! منهنجو مرڻ جائز آهي. مهرباني ڪري منهنجي روح کي پنهنجي هٿن ۾ قبول ڪر ۽ مون تي رحم ڪر. اي يسوع! مهرباني ڪري مون تي ترس کاءُ. جيڪڏهن تون منهنجو انصاف ڪرين ته منهنجو انصاف ٿيندو ۽ جيڪڏهن چوين ته مان بي گناهه آهيان. ته پوءِ منهنجا گناهه مٽايا ويندا. انهيءَ جو دارومدار توهان تي اهي.

« شايد هوءَ اهي سموريون ڳالهيون چئي رهي هئي ته سڀ ڪجهه يسوع تي ڇڏيو ويو هو.»

هن عورت، جنهن کي ماڻهو يسوع وٽ آندو هو، اهو نه چيو ته مون غلط ڪم ڪيو مهرباني ڪري مون کي معاف ڪر، چو ته مون زنا ڪيو. هن چيو ته مهرباني ڪري مون کي منهنجي گناهن کان ڇوٽڪارو ڏي.

جيڪڏهن تون منهنجا گناهه معاف ڪرين ته مان ڇوٽڪارو حاصل ڪنديس. جيڪڏهن نه ته مان جهنم ۾ هلي وينديس. مون کي توهان جي سچائي جي ضرورت آهي. مون کي خدا جي محبت جي ضرورت آهي. هن پنهنجيون اکيون بند ڪري پنهنجي گناهن جو اقرار ڪيو.

۽ يسوع هن کان پڇيو « توهان تي الزام لڳائڻ وارا ڪيڏانهن ويا» ڇا ڪنهن توهان تي الزام نه هنيو؟ هن چيو اي خدا وند ڪنهن به نه يسوع چيو مان به توهان تي حڪم نه ٿو ڏيان. ۽ يسوع انهيءَ تي حڪم نه ڏنو، انهيءَ ڪري هو اردن درياهه ۾ ٻبي ڏيڻ لاءِ پهريان ئي هن جا گناهه پري ڪري چڪا هئا. هن کي پهرين ئي ڇوٽڪارو ملي چڪو هو. هاڻ يسوع کي ضرورت نه هئي ته هن عورت کي سندس گناهه ٽن لاءِ قصور وار ڪيو وڃي.

**هن چيو « مان بہ توهان تي حڪم نہ ٿو ڏيان».**




يسوع ان عورت کي ڇوٽڪارو بخشيو ان کي هن جي سمورن گناهن مان ڇوٽڪارو ملي ويو، اسان جو خدا وند يسوع اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ان اسان جا سڀ گناهہ معاف ڪري ڇڏيا آهن تہ جيئن اسان راستباز بڻجي وڃون.

اهو بائبل مقدس ۾ اسان کي ائين ئي ٻڌائي ٿو تہ اهو صليب تي اسان جي گناهن جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ چڙهيو، جن کي ان اردن درياهہ تي تبي هڻڻ وقت پنهنجي مٿان کنيو هيو. اهو واضع طور تي ٻڌائي ٿو تہ هن انهن سڀني کي ڇوٽڪارو بخشيو جيڪي ان جي ڇوٽڪاري جي تبي هڻڻ ۽ صليب جي عدالت تي ايمان رکن ٿا. ضروري آهي تہ اسان سڀني وٽ يسوع جو تحريري ڪلام هجي ۽ اهو بہ تہ اسان ان تي عمل ڪريون پوءِ اسان سڀني کي ڇوٽڪاري جي برڪت ملندي.

اي خدا وند تنهنجي اڳيان منهنجو ڪوبہ معيار نہ آهي. منهنجي اندر ڪابہ صلاحيت نہ آهي. مون وٽ توکي ڏيڪارڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. پر مان ايمان رکان ٿو تہ يسوع منهنجي ڇوٽڪاري جو خداوند آهي ان اردن درياهہ تي منهنجا سڀ گناهہ کڻي ڇڏيا ۽ صليب تي ان جو ڪفارو يا ان تبي

هڻڻ ۽ خون سبب اسان جا گناهہ ڪنيا. اي خدا وند آءُ توتي واقعي ايمان رکان ٿو.

ائين توهان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهو ٿا. يسوع اسانکي خارج نٿو ڪري، ان اسان کي خدا جو پٽ بڻجڻ جو حق بخشيو جيڪي ماٺهو پاڻي ۽ خون جي ڇوٽڪاري تي يقين رکن ٿا اهو انهن جا سڀ گناهہ ڪٽي ٿو. ۽ انهن سڀني کي راستباز سمجهي ٿو.

پيارا دوستو!

عورت کي نجات ملي ويئي. جيڪا عورت زناڪاري ۾ پڪڙي ويئي هئي ان کي يسوع جي اڳيان ڇوٽڪاري جي برڪت ملي ويئي . اسان بہ اهڙي طرح برڪت حاصل ڪري سگهون ٿا، جيڪو پنهنجي گناهن کي ڄاڻي ۽ خدا کان رحم جي درخواست ڪري ٿو جيڪو بہ يسوع ۾ پاڻي ۽ روح جي ڇوٽڪاري تي ايمان رکي ٿو ان کي خدا جي طرفان ڇوٽڪاري جي برڪت حاصل ٿئي ٿي. جيڪو بہ گناهہ ڪري پنهنجي ئي گناهن کي قبول نٿو ڪري ان کي ڇوٽڪاري جي برڪت حاصل نٿي ٿي سگهي. يسوع دنيا جا گناهہ ڪنيا (يوحنا ١:٢٩) دنيا جو هر گهنگار يسوع تي ايمان آڻي ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو (يوحنا ١:٢٩) يسوع عورت کي چيو آءٌ بہ تو تي حڪم نٿو هلايان. ان چيو تہ اهو ان تي حڪم نٿو هلائي انهيً لاءِ تہ ان عورت جا سڀ گناهہ پهريان ئي ڪنيا ويا هئا. ان اسان جا سڀ گناهہ پنهنجي مٿان ڪنيا ۽ اسان جي خاطر ان تي سزا جو حڪم ٿيو.

## اسان کي يسوع جي اڳيان به ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو.




فريسي جن جي هٿن ۾ پٿر هيا ۽ اهي اُن وقت جا مذهبي رهنما به شريعت جي لفظ لفظ جي تفسير ڪن ٿا. جڏهن شريعت اسان کي زناڪاري نه ڪرڻ بابت ٻڌائي ٿي ته جيڪو به گناه ڪندو ان کي سنگسار ڪيو ويندو آهي. عورتن تي نظر رکندا آهن ۽ زناڪاري نه ڪرڻ جي بهاني ان جي خواهش ڪندا آهن، اهي ڇوٽڪارو حاصل نٿا ڪري سگهن.

فريسي ۽ فقيهه هن دنيا ۾ اخلاقيات جي تعليم ڏيڻ وارا هئا هي اهي نه هئا جن کي يسوع گهرايو.

انهن يسوع کي ڪڏهن به ائين چوندي نه ٻڌو آءُ توهان کي حڪم نٿو ڏيان جيڪا عورت زناڪاري ۾ پڪڙي ويئي هئي فقط ان اهي خوشيً وارا لفظ ٻڌا. جيڪڏهن توهان ان جي اڳيان سچا آهيو ته توهان به اهڙي طرح برڪت حاصل ڪري سگهو ٿا. اي خدا وند مون سڀ جمار زناڪاري ڪئي. مونکي ائين معلوم ٿئي ٿو جڻ مون زناڪاري نه ڪئي انهيً لاءِ ته آئون اڪثر ان جو شڪار ٿيو آهيان.

آءُ هر ڏينهن ڪيترا پيرا گناه ڪريان ٿو.

جڏهن اسين شريعت مطابق ان حقيقت کي قبول ڪريون ٿا ته اسان

گهنگار آهيون جن جو مرڻ ضروري آهي ۽ سچائي سان خدا جي اڳيان پاڻ کي اهو چوندي اي سمجهون ٿا اي خدا هاڻي منهنجي حقيقت آهي ڪرم سان مونکي بچاءِ، ته خدا توهان کي ڇوٽڪارو بخشڻ سبب برڪت ڏيندو.

پاڻي ۽ روح جي ذريعي يسوع جي محبت خدا جي عدالت تي غالب ٿي ويئي آهي. آءُ به توهان کي حڪم نٿو ڏيان ڇو جو هو اسان کي حڪم نٿو ڏيئي پر اسان کي ائين چوي ٿو ته توهان کي ڇوٽڪارو ملندو. اسان جو خداوند يسوع مسيح بخشڻ وارو خدا آهي، ان اسان کي دنيا جي سڀني گناهن کان رهائي بخشي ڇڏي.

انسان جو خدا انصاف ۽ محبت جو خدا آهي، پاڻي ۽ روح جي محبت ان جي انصاف کان به بلاتر آهي.

**ان جي محبت هن جي انصاف کان اعلىٰ آهي.**




جيڪڏهن خدا پنهنجي عدالت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجي انصاف تي زور ڏيئي ها ته ان سڀني گهنگارن جي عدالت ڪري انهن کي

جهنم ۾ موڪلي ڇڏي ها. پر ڇو ته يسوع جي محبت جيڪا اسان کي سزا کان بچائي ٿي عظيم آهي. انهيءَ ڪري خدا پنهنجي اڪيلي پٽ يسوع کي موڪليو، يسوع اسان جا سمورا گناهه پاڻ تي کنيا ۽ اسان سڀني جي سزا کي پاڻ برداشت ڪيو، هاڻ جيڪو به يسوع کي ڇوٽڪارو ڏيندڙ طور قبول ڪري ٿو اهو ان جو پٽ ۽ راستباز شخص بڻجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ هن جي محبت هن جي انصاف کان وڌيڪ اعلي آهي انهيءَ ڪري هن اسان سڀني کي نجات بخشي.

اسان کي خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي نه ته هو فقط پنهنجي انصاف جي بنياد تي اسان جي عدالت نه ٿو ڪري. جهڙي ريت يسوع فقيه فريسي ۽ انهن جي شاگردن کي ٻڌايو ته خدا کي انهن جي نذراني جي ضرورت نه آهي.پر اها چاهي ٿو ته هو رحم ڪن ۽ ان کي سڃاڻين. ڪجهه ماڻهو هر ڏينهن ڳئون، ٻڪري ذبح ڪن ٿا. ۽ خدا جي اڳيان قرباني ڪري دعا ڪن ٿا. « اي خدا هر ڏينهن منهنجا گناهه معاف ڪر». خدا کي اسان جي شخص جي ضرورت نه آهي اهو چاهي ٿو ته اسان پاڻي ۽ روح جي ڇوٽڪاري تي ايمان رکون. اهو چاهي ٿو ته اسان نجات ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪريون اهو اسان کي پنهنجي محبت بخشڻ چاهي ٿو. ۽ اسان جي ايمان کي قبول ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو. ڇا توهان سڀ اهو ڏسون ٿا؟ يسوع اسان کي ڇوٽڪارو بخشيو.

يسوع گناهه کان نفرت ڪندو آهي پر ان جي اندر ۾ انسانن لاءِ تمام گهڻي محبت موجود آهي جن کي خدا جي شبيهه تي خلقيو ويو آهي، ايستائين جو هن جهانجوڙڻ کان اڳ اسانکي يسوع جو پٽ بنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اسان جي گناهن کي پنهنجي ٻپي هڻڻ ۽ خون سبب ڪيدي ٻاهر

اچلائي ڇڏيو. خدا اسان کي ڇوٽڪارو بخشيو ۽ يسوع ۾ شامل ڪرڻ ۽ پنهنجو پٽ بنائڻ لاءِ پيدا ڪيو هي اها محبت آهي جيڪا خدا اسان لاءِ يعني پنهنجي مخلوق لاءِ رکي ٿو.

جيڪڏهن خدا فقط پنهنجي رستي شريعت مطابق اسان جو انصاف ڪيو هجي ها ته اسان سيني گهنگارن جو مرڻ ترٿي وڃي ها. پر ان اسان کي پنهنجي پٽ جي ٽبي هڻڻ ۽ صليب تي ان جي عدالت ڪرڻ جي وسيلي ڇوٽڪارو بخشيو ڇا توهان ايمان رکون ٿا؟ اچو ته عهد عتيق سان ان جي تصديق ڪريون.

## هارون ڇڏيل ٻڪري تي پنهنجا هٿ رکيا.

*ڪنهن اسرائيل جي نمائندي جي حيثيت سان*
*زنده ٻڪري تي انهن جا گناهه منتقل ڪيا؟*

*سردار ڪاهن.*

هن دنيا جي سمورن گناهن جو ڪفارو عهد عتيق جي شريعت ۽ عهد جديد جي ٽبي هڻڻ سان ڏنو ويو. عهد عتيق ۾ اسرائيل جي سيني ساليانى گناهن جا ڪفارا سردار ڪاهن ڏيندو هيو جيڪو بي عيب ٻڪري جي مٿي تي پنهنجا هٿ رکندو هيو.

۽ هارون پنهنجا ٻئي هٿ ان زنده ٻڪري جي سر مٿان رکي ان جي

مٿان بني اسرائيل جون سڀ بدڪاريون ۽ انهن جي سمورن گناهن ۽ خدائن جو اقرار ڪندي ۽ انهن کي ان ٻڪري جي مٿي تي انهن جي طرفان ڪنهن اهڙي شخص جي هٿن ۾ ڏيئي جيڪو ان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي. بيابان ۾ موڪليو ويندو هو. (احبار ١٦: ٢١). ۽ ائين هو عهد عتيق ۾ ڪفارو ڏيندا هيا هر ڏينهن جي گناهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ شخص بي عيب رڍ ٻڪري اجتماع ۾ آڻي ان کي ذبح ڪري قرباني ڏيندو آهي. اهو قرباني جي جانور جي مٿي تي هٿ رکي ان جا گناهه ان قرباني واري جانور ڏي منتقل ٿي ويندا هئا. پوءِ قرباني واري جانور کي ذبح ڪيو ويندو هيو ۽ سردار ڪاهن ان رت کي ذبح ٿيندڙ جاءِ تي ان جي سڱن کي لڳائي ڇڏيندو هيو.

ذبح ڪرڻ واري جاءِ جي چئني پاسن کان سگت هوندا هئا هي سگت عملن جي ان ڪتابن سان مشابهت رکن ٿا جن جو (مڪاشفا ٢٠: ١٢) ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ان جو باقي رت زمين تي هاريو ويندو هي زمين تي هاريو ويندو هيو زمين ماڻهوَ جي دل کي پيش ڪندي آهي انهيَ لاءِ جو انسان کي مٽي مان بڻايو ويو ۽ اهڙي طرح ماڻهو پنهنجن هر روز جي گناهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا رهيا.

پر هو هر روز جي گناهه جي قرباني نه پي ڪري سگهيا انهيَ ڪندي خدا انهن کي سڄي سال جي گناهن جو سال ۾ هڪ دفعو ڪفارو ڏيڻ جي اجازت ڏني. ستين مهيني جي ڏهين (١٠) تاريخ يعني ڪفاري جي ڏينهن تي ائين ٿيندو هيو ته ان ڏينهن اسرائيلي ماڻهن جو نمائندو يعني سردار ڪاهن ٻه ٻڪرا وٺندو هيو ۽ ان جي مٿان هٿ رکي ماڻهن جاسمورا اگناهه انهن ڏانهن منتقل ڪندو هيو ۽ انهن کي بني اسرائيل جي ڪفاري لاءِ خدا

جي اڳيان پيش ڪندو آهيو.

۽ هارون پنهنجا ٻئي هٿ ان جيئري ٻڪري تي مٿان رکي ان جي مٿان بني اسرائيل جون سموريون بدڪاريون ۽ گناهن جو اقرار ڪري خدا اسرائيل جي سردار ڪاهن ڪي هارون جو نمائندو مقرر ڪيو. قربانين تي هڪ هڪ ماڻهو هٿ رکڻ بدران سردار ڪاهن سيني ماڻهن جي نمائندي طور تي ساليانى گناهن جي معافي لاءِ زنده ٻڪري جي مٿي تي هٿ رکندو هيو.

۽ هو اسرائيل جا سڀ گناهه خدا جي اڳيا بيان ڪندو رهيو « اي خدا تنهنجي اسرائيلي ٻچن گناهه ڪيا آهن. اسان بت پرستي ڪئي تنهنجي شريعت سيني ڳالهين جي خلاف ورزي ڪئي، تنهنجو نالو بي فائدي ورتو ۽ بت ٺاهياسين جن کي تو کان وڌيڪ محبت ڪئي اسان سبت پاڪ نہ مڃيو، پنهنجي والدين جي عزت نہ ڪئي، قتل، زناڪاري، چوري ڪئي ۽ وڳوڙن ۽ جهيڙن ۾ ملوث ٿياسون.

هو سيني گناهن جو ذڪر ڪندو رهيو «اي خدا وند بني اسرائيل ۽ نہ مان تنهنجي شريعت جي ڪنهن ڳالهہ تي عمل ڪرڻ جي لائق آهيون انهن سمورن گناهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ آءُ پنهنجا هٿ هن ٻڪري جي مٿان رکان ٿو ۽ انهن سيني گناهن کي هن جي مٿان آڻيان ٿو. سردار ڪاهن سيني ماڻهن لاءِ قرباني جي جانور تي هٿ رکندو هيو ۽ سمورا گناهہ قرباني واري جانور ڏانهن موڪليندو رهيو تقردي يا هٿ رکڻ مان مراد آهي منتقل ڪرڻ (احبار ١ : ١_٣،١٦ ٠ ٢،٢ ١ ٢).

*عهد عتيق ۾ ڪفاري جي پڇاڻي*
*ڪهڙي طرح ٿي؟*

*گناهه جي قرباني واري جانور جي شئي تي*
*هٿ رکڻ جي وسيلي.*

خدا بني اسرائيل کي گناهه جي قرباني واري رسم انهيءَ ڪري بخشي ته جيئن هو پنهنجن سمورن گناهن کي منتقل ڪري سچائي حاصل ڪري سگهن ان سچائي سان اها ڳالهه واضع ڪئي ته گناهه جي قرباني واري جانور کي ماڻهو جي جاءِ تي مرڻو پوندو.

ڪفاري واري ڏينهن تي گناهه جي قرباني واري جانور کي ذبع ڪيو ويندو هيو ۽ ان جو رت پاڪ جاءِ کٽي اڇبو هو؟ رحم واري جاءِ تي ست ڀيرا هاريو ويندو هو ائين بني اسرائيل ستين مهيني جي ڏهين تاريخ تي ساليانی گناهه جو ڪفارو ڏيندا هئا.

سردار ڪاهن قرباني ڪرڻ لاءِ اڪيلو پاڪ جاءِ ۾ داخل ٿيندو هيو. پر ماڻهو ٻاهر جمع ٿي سردار ڪاهن جي لباس جي جهالر تي لڳل گهنٽين جو اواز ٻڌي جيڪا رحم واري جاءِ تي رت هارڻ دوران ست ڀيرا وڄندي هئي، تڏهن ماڻهو خوشي ڪندا هيا ته سمورن گناهن جو ڪفارو ڏنو ويو، سون جي گهنٽين جو اواز خوشي جي خوشخبري جو اواز ۽ اهو سچ ناهي ته يسوع خاص ماڻهن سان محبت رکندو هيو؟ هن صرف انهن کي ئي ڇوٽڪارو بخشيو يسوع پنهنجي ٻتي هٽڻ سبب دنيا جي سيني گناهن کي

پري ڪري ڇڏيو. ان هڪ ئي وقت ۾ اسان سڀني کي ڇوٽڪارو بخشڻ چاهيو اسان جا گناهه هر ڏينهن معاف نه پئي ٿي سگهيا اهي هڪ ئي ڀيرو معاف ٿي ويا.

عهد عتيق ۾ هٿ رکڻ ۽ گناهه جي قرباني ڏيڻ سبب ڪفارو ادا ڪيو ويندو هيو هارون سڀني ماڻهن جي سامهون جيئري ٻڪري جي مٿي تي هٿ رکندو هيو ۽ سموري گناهن جو اقرار ڪندو هيو جيڪي ماڻهن سال دوران ڪيا هئا.

ان سڀني جي سامهون گناهن کي ٻڪري ڏانهن منتقل ڪيو پوءِ ماڻهن جا گناهه ڪيڏانهن ويا؟ اهي سڀ ان ٻڪري تي آندا ويا.

پوءِ ڪنهن مناسب ماڻهو جي وسيلي ان ٻڪري کي ڇڏي ڏنو ويندو هيو ۽ اهو ٻڪرو اسرائيل جي سڀني گناهن سان گڏ بيابان ۾ ڇڏي ڏنو ويندو هيو جتي پاڻي ۽ گاهه نه هوندو هيو تڏهن اهو ٻڪرو سرندڙ اُس ۾ بيابانن ۾ ڀٽڪندو رهندو ۽ آخرڪار مري ويندو هو ٻڪرو اسرائيل جي گناهن ڪري مري ويندو هيو.

اها خدا جي محبت جي سچائي آهي اهڙي طرح اهي ساليانی گناهن جو ڪفارو ڏيندا هيا. پر اسين عهد جهديد ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون 2000 سال پهريان يسوع اسان جي ڪري هن دنيا ۾ آيو ان اڇي هن پيشن گوئي کي پورو ڪيو جنهن جو واعدو هن عهد عتيق ۾ ڪيو هو. اهو آيو ۽ اسان جي سڀني گناهن کي معاف ڪيائين.

## اسان سڀني کي ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ

*يسوع جو ڇا مطلب آهي؟*

*ڇوٽڪارو ڏيندڙ جيڪو پنهنجن ماڻهن کي انهن جي گناهن کان ڇوٽڪارو ڏيندو.*

اچو متي ۱ باب ۾ پڙهون.

«اهو انهن ڳالهين جي سوچي رهيو هو ته خدا وند جي فرشتن خواب ۾ ڏيکاري ڏيئي چيو اي يوسف ابن دائود پنهنجي زال مريم کي پاڻ وٽ وٺي اچڻ کان نه ڊچ، ڇو جو جيڪو ان جي پيٽ ۾ آهي اهو روح جي قدرت سان آهي. انکي پٽ ٿيندو ۽ تون ان جو نالو يسوع رکجان اهو ئي پنهنجن ماڻهن کي انهن جي گناهن کان ڇوٽڪارو ڏياريندو» (متي ۱: ۲۰-۲۱).

اسان جي آسماني پيءُ پنهنجي پٽ کي هن دنيا جي سمورن انسانن جي گناهن کي ذوئڻ لاءِ کنواري مريم جي جسم وسيلي ٻڌايو ان هڪ ملائڪ موڪلي هن کي ٻڌايو ۽ چيو ته ڏس تون پيٽ سان ٿيندين؟ توکي پٽ ڄمندو، ان جو نالو يسوع رکجان. ان جو مطلب اهو هيو ته مريم جو پٽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ بڻجندو. يسوع مسيح جو مطلب آهي ڇوٽڪارو ڏيڻ وارو يا ٻين لفظن ۾ ڇوٽڪارو ڏيندڙ.

يسوع اردن درياهه ۾ ٻپتسما وٺڻ وسيلي دنيا جا سڀ گناهه کڻي ورتا ان يوحنا ٻپتسما ڏيڻ واري کان ٻپتسما ورتي ۽ دنيا جا سڀ گناهه ان مٿان رکي

چڙيائين اچو ته (متي ٣ : ١٢ـ١٧) پڙهون.

هن وقت يسوع گليل کان اردن جي ڪناري يوحنا وٽ هن کان ٻپتسما وٺڻ آيو، يوحنا اهو چئي منع ڪرڻ لڳو ته آءُ توکان «ٻپتسما» وٺڻ لاءِ محتاج آهيان ۽ تون مون وٽ آيو آهين؟

يسوع جواب ۾ ان کي چيو ته هاڻي تون ائين ئي ٿيڻ ڏي ڇو ته اسان کي اهڙي طرح سڄي راستبازي پوري ڪرڻ مناسب آهي ان تي هن ائين ٿيڻ ڏنو ۽ يسوع ٻپتسما وٺي يڪدم پاڻي جي پرسان مٿي هليو ويو ۽ ڏسو ان لاءِ آسمان کلي ويو ۽ ان خدا جي روح کي ڪبوتر وانگي لهندي ۽ پنهنجي مٿان ايندي ڏٺو ۽ ڏسو آسمان کان اهو آواز آيو ته اهو منهنجو پيارو پٽ آهي. جنهن کان مان خوش آهيان، يسوع اسان سڀني جي گناهن کي ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ يوحنا ٻپي هٿڻ واري وٽ ويو.

هو پاڻي ۾ هلي يو ۽ يوحنا جي سامهون ڪنڌ کي جهڪائي ڇڏيو، يوحنا هاڻي مونکي ٻپي هٿڻ ڏي اسان کي اهڙي نموني سموري راستبازي کي مڪمل ڪرڻو آهي جيئن مان دنيا جا سمورا گناه کڻڻ ۽ سمورن گنهگارن کي انهن جي گناهن کان ڇوٽڪارو بخشڻ وارو آهيان. مونکي ٻپي هٿڻ وسيلي انهن جي گناهن کي کڻڻو آهي.

«هاڻي مونکي ٻپي هٿڻ ڏي هاڻي ائين ئي ٿيڻ ڏي».

جيتوڻيڪ اسان کي اهڙي نموني سڄي راستبازي کي مڪمل ڪرڻ

مناسب آهي. يسوع يوحنا ٻپي هٿڻ واري کان ٻپي هٽي ورتي ۽ انهيءَ وقت خدا جي سموري راستبازي جيڪا اسان کي اسان جي گناهن جو ڇوٽڪارو بخشيو ۽ گناه ورتا اسان جا سمورا گناه يسوع جي مٿان آندا ويا. ڇا توهان ان ڳالهه کي سمجهو ٿا؟

## يسوع جي ٽٻي هڻڻ ۽ روح نجات تي ايمان آڻيو ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪريو.




خدا پهريان اسرائيل سان وچن ڪيو ته ماڻهو جا سمورا گناهه ڏوهه جي قرباني جي جانور جي ڪنڌ تي هٿ رکڻ سان ڌوپي ويندڙ ڇاڪاڻ ته هر هڪ ماڻهوءَ جو شخصي طور ٻڪري جي مٿي تي هٿ رکڻ اڻتيڻو هو. ان لاءِ هارون کي سردار ڪاهن مخصوص ڪيو ويو ته جيئن هو سمورن ماڻهن لاءِ قرباني ڪرائي. بس پوءِ ڏوهه جي قرباني جي جانور جي سر تي هٿ رکڻ سبب انهن جا سمورا ساليانه گناهه هڪ ئي ڀيرو ان تي سٽي ڇڏيندو هو. هي خدا جي حڪمت ۽ مخلصيءَ جي خدمت آهي خدا ڏاهو ۽ عجيب آهي.

هن ان دنيا کي بچائڻ لاءِ پنهنجي پٽ يسوع کي موڪليو ان لاءِ ڏوهه جي قرباني تيار هئي. هاڻ سموري انساني برداري لاءِ نبيءَ جي ضرورت هئي. يعني اهڙي ماڻهو جي جيڪو يسوع جي سر تي هٿ رکي ۽ دنيا جا گناهه ان مٿا ن رکي، هي نمائندو يوحنا ٽٻي ڏيارڻ وارو هو. متي ۱۱:۱۱ ۾ خدا يسوع کان اڳ سمورن انساني نسلن جي نمائندگي کي اُماڻيو.

يوحنا ٽٻي ڏيارڻ وارو هو، جيڪو انساني نسل جو آخري سردار ڪاهن جو جيئن متي ۱۱:۱۱ ۾ لکيل آهي، جيڪي عورتن مان پيدا ٿيا

آهن، انهن مان يوحنا ٻپتسما ڏيندڙ کان وڌيڪ ڪوبه نه هو. هو انسانن جي واحد نمائندي طور موڪليو ويو. تہ جيئن هو يسوع کي ٻپتسما ڏياري سگهي. انسانن جي سمورن گناهن کي ان مٿان ڪڍائي سگهي.

جيڪڏهن هن زمين تي هاڻ 6 ارب انسان يسوع وٽ وڃن ۽ هر هڪ پنهنجن گناهن کي يسوع مٿان رکڻ لاءِ ان جي مٿي تي هٿ رکي تہ يسوع جي سر جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ جيڪڏهن هن دنيا ۾ موجود 6 ارب ماڻهن کان وڌيڪ انسانن کي يسوع جي مٿي تي هٿ رکڻ پون تہ پو هي ڪو وڻندڙ منظر نہ هوندو. ڪجهہ جوشيلا ماڻهو شايد هن جي سر کي اتيري زور سان دٻائيندا جو ان جا سمورا وار ڪري پوندا.

خدا پنهنجي حڪمت سبب يوحنا کي اسان جي نمائندي طور مقرر ڪيو ۽ دنيا جا سمورا گناهہ هڪ ئي وقت ۾ هميشہ لاءِ يسوع تي رکرايا (متي ۳:۱۳–۱۷) ۾ لکيل آهي، ان وقت يسوع گليل کان اردن جي ڪناري يوحنا وٽ ان کي ٻپتسما ڏيارڻ آيو. هي ان وقت ٿيو جڏهن يسوع جي عمر 30 سال هئي. يسوع جي پيدائش جي ائين ڏينهن ان جو ختنو ٿيو تہ ان جي 30 سالن جي ڄمار تي پهچڻ کان اڳ ان متعلق ڪجهہ ڳالهين جو ذڪر ملي ٿو.

آسماني سردار ڪاهن بڻجڻ لاءِ 30 ورهين تائين يسوع جي انتظار ڪرڻ جو سبب عتيق عهد کي پورو ڪرڻو هو. استشنا جي ڪتاب ۾ خدا موسيٰ کي ٻڌايو تہ سردار ڪاهن کي ڪاهن جي خدمت سرانجام ڏيڻ کان اڳ 30 ورهين جو هجڻ گهرجي. يسوع آسمان سردار ڪاهن آهي، ڇا توهان ان ڳالهہ تي ايمان رکو ٿا؟

جديد عهد ۾ متي ۳:۱۳–۱۵ ۾ لکيل آهي. «ان وقت يسوع

گليل کان اردن ڪناري يوحنا وٽ هن کان اڳ ٻپتسما وٺڻ لاءِ آيو. پر يوحنا هي چئي ان کي روڪڻ لڳو ته آءُ پاڻ توکان ٻپتسما وٺڻ جو محتاج آهيان» ماڻهن جو نمائندو ڪير هو؟ يوحنا ٻپتسما ڏيڻ وارو ته پوءِ آسماني نمائندو ڪير آهي، ٻنهي نمائندن جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي پوءِ ٻنهي ۾ ڪير وڏو آهي! بيشڪ آسماني نمائندو ان لاءِ يوحنا ٻپتسما ڏيڻ وارو جيڪو دليري سان پنهنجي پري جي مذهبي اڳواڻن کي اهو چوڻ وارو هو «اي نانگ جا ٻچئو» اوچتو يسوع جي اڳيان عاجز بڻجي ويو. آءُ پاڻ توکان ٻپتسما ڏيڻ جو محتاج آهيان ۽ تون مون وٽ آيو آهيان.

يسوع چيو هاڻ تون ٿيڻ ئي ڏي ڇاڪاڻ ته اسانکي ان ريت راستبازي ڪرڻ مناسب آهي. يسوع هن دنيا ۾ خدا جي راستبازي پوري ٿي جڏهن ان يوحنا ٻپتسما ڏيڻ کان ٻپتسما ڏياري.

«ان تي هن ٿيڻ ڏنو، يسوع ٻپتسما ڏياري ته يڪدم پاڻيءَ کان مٿي هليو ويو ۽ ڏسو هن لاءِ آسمان کلي ويو. ۽ هن خدا جي روح کي ڪبوتر جيان لهندي ۽ پنهنجي مٿان ايندي ڏٺو ۽ ڏسو آسمان مان هي آواز آيو ته هي منهنجو پيارو پٽ آهي، جنهن مان آءُ خوش آهيان».

جڏهن هن ٻپتسما ڏني ته اهو واقعو رونما ٿيو. جڏهن يوحنا ٻپتسما ڏيڻ واري کان ٻپتسما ڏياري ته آسمان جو در کلي ويو ۽ هن دنيا جا سمورا گناهه کڻي ورتا. ۽ يوحنا ٻپتسما ڏيڻ واري جي ڏينهن کان اجا تائين آسمان جي بادشاهي تي زور ٿيندو رهيو آهي. زور آور ان کان ڇني وٺن ٿا. (متي ١١:١٢).

سمورن نبين ۽ توريت يوحنا تائين نبوت ڪئي ۽ يوحنا ٻپتسما ڏيڻ واري ٻنهي سان اجا تائين آسمان جي بادشاهي تي زور هوندو آهي. ۽ زور آور

ان کي ڇني ونن ٿا.

جيڪو به ان جي ٻپي تي ايمان رکي ٿو، اهو ڪنهن ۾ عذر کانسواءِ خدا جي بادشاهي ۾ داخل ٿي سگهي.

## آءُ توهان تي حڪم نه ٿو لڳايان.

*ٿياس تي يسوع کي ڇو سزا ملي؟*

*ان لاءِ جو هن سمورا گناهه کڻي ورتا.*

يسوع يوحنا ٻپي ڏيارڻ واري کان ٻپي ڏياري ۽ دنيا جي سمورن گناهن کي پنهنجي مٿان کڻي ورتو. پوءِ ان عورت کي ڇيو ته مان به توتي حڪم نٿو لڳايان. هن عورت تي حڪم ان لاءِ نه لڳايو جو هن اردن تي دنيا جا گناهه پاڻ مٿان کڻي ورتا هئا. ۽ انهن سمورن گناهن جي سزا يسوع کي ملڻي هئي نه ڪي ان عورت کي .

يسوع دنيا جا سمورا گناهه پاڻ تي کڻي ورتا ۽ اسان ڏسي سگهون ٿا ته هو ان تڪليف سبب ڪيتري قدر خائف هو جو ان ٿياس تي سهڻو هو. ان لاءِ جو گناهه جي مزدوري موت آهي. هن زيتون جي جبل تي خدا کان ٽي ڀيرا دعا گهري ته ان کي سزا کان ڪيس ڏور ڪري. يسوع جو انساني بدن هو. ان لاءِ اها ئي ڳالهه آهي ته هو درد کان خائف هو. يسوع کي عدالت جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ خون وهائڻ ضرور هو.

جهڙي طرح عهد عتيق ۾ گناهہ جي قرباني جي جانورن کي گناهن جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ رت وهائڻ پوندو هو بلڪہ اهڙي ريت ان کي ٽياس تي قربان ٿيڻو هو. هو اڳئين دنيا جو گناهہ کڻي ويو هو ۽ هاڻ ان کي اسان ڇوٽڪاري لاءِ جان قربان ڪرڻي هئي. ان کي معلوم هو تہ خدا جي حضور ان جي عدالت ٿيندي آهي.

يسوع جي دل ۾ ڪهڙو بہ گناهہ نہ هو. پر ان جي ٿبي وسيلي سمورا گناهہ مٿس رکيا ويا تہ هاڻ خدا کي پنهنجي ئي پٽ جي عدالت ڪرڻي هئي. پس پهريان خدا جي انصاف جي گهرج پوري ٿي ۽ اُن اسان جي ڇوٽڪاري لاءِ پنهنجي محبت کي اسان تي واري ڇڏيو. ان لاءِ يسوع کي صليب تي سزا سان منهن ڏسڻو آهي.

«مان نہ توهان تي حڪم لڳايان ٿو. نہ توهان جي عدالت ڪريان ٿو. اسان جي سورا جاٽيل ۽ اڻ جاٽيل ظاهري يا لڪل گناهن جي خدا کي ڪرڻي هئي.

خدا اسان کي سزا ڏني پر يسوع کي جنهن پنهنجي ٿبيً وسيلي اسان جي سمورن گناهن کي پنهنجي مٿان کڻي ورتو هو. خدا پنهنجي محبت ۽ ترس سبب گهنگارن کي سزا ڏيڻ نہٿو گهراهہ ٿبي ۽ صليب تي وهندڙ خون اسان لاءِ ان جي نجات بخش محبت هئي».

«ڇاڪاڻ تہ خدا دنيا سان اهڙي محبت رکي جو ان پنهنجو اڪيلو پٽ بخشي ڏنو هو. تہ جيڪو بہ ان تي ايمان آڻي سو نہ مري پر هميشہ جي زندگي حاصل ڪري» (يوحنا ١٦:٣) ائين اسان ان جي محبت سان واقف ٿيون ٿا. يسوع ان توريت تي حڪم نہ لڳايو جيڪا زناڪاري ۾ پڪڙي ويئي هئي.

ان کي معلوم هو ته اها گهنگار آهي، ان لاءِ جو هوءَ زناڪاري جي فعل ۾ پڪڙي وئي هئي. گناهه نه رڳو ان جي دل ۾ هو پر اها ان کي پنهنجي بدن ۾ هٽي ڦري رهي هئي. ڪا اهڙي صورت نه هئي جو پنهنجي گهنگار نه هجڻ جو انڪار ڪري پر جيئن ته هن ايمان آندو ته يسوع سمورا گناهه کڻي ورتا آهن. ان لاءِ هي بچي ويئي . جيڪڏهن اسان يسوع جي نجات ۾ ايمان رکون ته اسان بچي ويندا سين.

## ان تي ايمان آڻيو! ان ۾ اسان جو پنهنجو فائدو آهي

*ڪير سڀ کان وڌيڪ مبارڪ آهي؟*

*اهڙو ماڻهو جنهن ۾ ڪو به گناهه نا هي.*

سڀ ماڻهو گناهه ڪن ٿا. سڀ ماڻهو زناڪاري ڪن ٿا. پر سيني ماڻهن کي سندن گناهن جي سزا نه ٿي ڏني وڃي. اسان سيني گناهه ڪيو آهي. پر جيڪو يسوع مسيح جي نجات تي ايمان رکي ٿو، انهن جي دلين ۾ گناهه نه هوندو آهي. جيڪي ماڻهو يسوع جي نجات تي ايمان رکن ٿا سي سيني کان وڌيڪ شادمان ماڻهو هوندا آهن.

سڀ کان وڌيڪ مبارڪ شخص اهو آهي جنهن کي سندس سمورن گناهن کان رهائي بخشي وئي هجي. اهو ماڻهو جيڪو هاڻ ئي يسوع جي راستبازي ۾ شامل ٿي ويو آهي.

(روميون ۴:۷) ۾ اسانکي خوشيءَ بابت ٻڌايو ويو آهي « مبارڪ اهو آهي جنهن جون ڀڃڪڙيون معاف ڪيون ويون هجن. اهي جن جا گناهه لڪايا ويا». اسان سڀ مرڻ گهڙي تائين گناهه ڪريون ٿا. ان خدا اڳيان نافرمان ۽ اٽپور آهيون. اسان ان جي شريعت حاصل ڪرڻ باوجود گناهه ڪندا رهندا آهيون. اسان انتهائي ڪمزور آهيون.

پر خدا اسانکي پنهنجي اڪيلي پٽ جي ٽبي ۽ رت سبب رهائي بخشي ۽ اهو ٻڌايو ته آءُ ۽ اوهين اڳيان گهنگار ناهيون ۽ اهو به اسان هاڻ ان اڳيان راستباز آهيون. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته اسان سندس فرزند آهيون.

پاڻي ۽ رت جي سُڌ نجات جي خوشخبري آهي ڇا اوهان ان تي ايمان رکون ٿا؟ خدا ايمان رکڻ وارن کي راستباز، بچايل ۽ پنهنجو فرزند ڪوٺي ٿو. هن دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ پهتل ۽ شادمان ماڻهو ڪير آهي؟ ايمان آڻيندڙ، رهائي حاصل ڪندڙ ماڻهو ؟ ڇا اوهان رهائي حاصل ڪندڙ آهيون؟ ڇا يسوع اوهان جا گناهه ڪٽڻ وساري وينو؟ هر گز نه! هن پنهنجي ٽبي وسيلي توهان جا سمورا گناهه ڪٽي ورتا. ان ڳالهه تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجن سمورن گناهن کان نجات حاصل ڪريو.

اچو يوحنا (۱:۹۳) پڙهون.

**بلڪل ائين جيئن ٻهاري سان صاف ڪيو هجي.**




«ٻئي ڏينهن هن يسوع کي پنهنجي طرف ايندڙ ڏسي چيو ڏسوهي خدا جو ٻَرو آهي، جيڪو دنيا جا گناهه کڻي وڃي رهيو آهي» (يوحنا ١ :٢٩).
«ڏسو هي خدا جو ٻره آهي، جيڪو دنيا جا گناهه کڻي ويندو آهي».

يوحنا ٽٻي ڏيارڻ واري اردن درياهه تي دنيا جا سمورا گناهه يسوع مٿان سنيا. ايندڙ ڏينهن تي ئي ان گواهي ڏني تہ يسوع خدا جو ٻره آهي. جنهن دنيا جا سمورا گناهه کڻي ورتا آهن. ان پنهنجي ڪلهن تي دنيا جا سمورا گناهه مٿي کڻي ورتا. دنيا جي سمورن گناهن سان مراد آهي، اهي سمورا گناهه جيڪي انساني نسل ڪائنات نهڻ کان ان جي پُڄاڻي تائين ڪندا. 2000 سال اڳ يسوع سموري دنيا جا گناهه کڻي ورتا اسان کي ڇوٽڪارو ڏياريو. هو خدا جو ٻره ٻڻجي ويو. جنهن جهان جا سمورا گناهه کڻي ورتا.

يسوع هڪ حليم شخص طور دنيا ۾ آيو، هڪ اهڙو شخص طور تي جنهن دنيا جي سمورن گهنگارن کي نجات بخشي. اسان ان لاءِ گناهه ڪريون ٿا، ڇو تہ اسان ڪمزور آهيون.

ڇاڪاڻ تہ اسان بدڪار آهيون. ڇو تہ اسان جاهل آهيون. ڇاڪاڻ تہ اسان نڪما آهيون. ۽ ان لاءِ بہ جو اسين اونداهين ۾ آهيون. انهن

سمورن گناهن کي پري ڪيو ويو. ۽ اردن تي يسوع ۾ تبي وسيلي انهن کي يسوع تي بخشيو ويو ۽ ان صليب تي پهچي جسماني موت سان گڏ انهن جو خاتمو آڻي ڇڏيو. اهو دفن ڪيو ويو پر ٽن ڏينهن کا بعد مردن مان وري اُٿي پيو.

سمورن گهنگارن جي نجات ڏيندڙ فاتح، منصف طور هاڻ هو پيءُ جي ساڄي طرف وينو آهي. ان کي هر هر اسانکي ڇوٽڪارو بخشڻ جي ضرورت ناهي. جڏهن ته اسانکي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو ايمان آڻڻ جي ضرورت آهي ابدي زندگي انهن ماڻهن جي نظر آهي جيڪي رڳو ايمان آڻين ٿا. ۽ تباهي انهن جي جيڪي ايمان نه ٿا آڻين. ان کانسواءِ ٻيو ڪو متبادل صورت ناهي.

يسوع اوهان سيني کي رهائي بخشي توهان زمين تي سيني کان وڌيڪ خوش قسمت ماڻهو آهيو پنهنجي ڪمزورين سبب اوهان مستقل ۾ جيڪي گناه کندا يسوعَ انهن کي به کٽي ورتو آهي. ڇا اوهان جي دل ۾ ڪو گناه باقي رهجي ويو آهي؟................نه. ڇا يسوع ان کي مڪمل طور کٽي رتو آهي؟...............جي، ها........... اُن ائين ڪيو آهي. سمورا انسان هڪ جهڙا آهن. ڇاڪاڻ تو انسان پاڙيسيرين کان وڌيڪ پاڪ ناهي.

ليڪن ڇاڪاڻ تي گهٽا ماڻهو رياڪار آهن. ان لاءِ هو سوچين ٿا ته هڪ گهنگار ناهن. پر هو به بيشڪ گهنگار آهن. هي دنيا هڪ سيريز ماڳ آهي. جيڪا گناه کي پکيڙي ٿي.

جڏهن عورتون پنهنجي گهرن مان نڪرن ٿيون ته هو سرخي ۽ ڇهرن تي پائودر لڳائين ٿيون. پنهنجي وارن کي وراڪا ڏين ٿيون. خوبصورت لباس

پائين ٿيون ۽ اوچي ڪڙي وارا جوتا پائين ٿيون........ مرد به حجام وٽ وڃي پنهنجا وار ڪٽائين ٿا پاڻ کي بنائين سنوارين ٿا صاف قميس پائين ٿا. فيشن دار ٽائي پائين ٿا.، پنهنجا بوٽ به چمڪائين ٿا. ڇا دولت انسان کي شادمان بنائي ٿي؟ ڇا تندرستي انسان کي شادمان بنائي ٿي. هر گز نه. رڳو مخلصي انسان کي حقيقي خوشي بخشي ٿي. تنهن هوندي به جيڪو ماڻهو ظاهري طور شادمان نظر اچي ٿو، جيڪڏهن ان جي دل ۾ گناه آهي ته هو بد حال آهي ۽ هو عدالت جي خوف جي زندگي گذاري ٿو.

ڇوٽڪارو ورتل ماڻهو قاتل ڪپڙن ۾ به بهادر شينهن آهن. ان جي دل ۾ ڪوبه گناه ناهي. اي خدا وند تنهنجو شڪر تون مون جهڙي گهنگار کي بچايو. تو منهنجا سمورا گناه پري ڪري ڇڏيا. مان ڄاڻان ٿو ته مان انهن تي نظر ڪرڻ جي لائق ناهيان پر مان پنهنجي بچائڻ لاءِ تنهنجا ٿورا مڃيان ٿو. مان اڄ تائين پنهنجي گناهن کان نجات ماڻي چڪو آهيان. خدا کي حلال مليو. رهائي حاصل ڪندڙ شخص حقيقي طور تي خوش نصيب ماڻهو آهي. جنهن ماڻهن کي خدا جي نجات جي فضل جي برڪت حاصل ٿي هجي هو واقعي مبارڪ ماڻهو آهن.

جيئن يسوع خدا جو بره جيڪو جهان جا گناه کنيو وڃي، تنهن سمورا گناه کٽي ورتا آهن. ان لاءِ اسان بيگناه آهيون. هن اسان جي خاطر نجات جي ڪم کي صليب تي پورو ڪيو. اسان جا سمورا گناه جن ۾ مون جا ۽ اوهان جا گناه به شامل آهن. جهان جي گناهن جا حصا آهن. ان لاءِ جو اسان سڀ ڇوٽڪارو حاصل ڪري چڪا آهيون.

## خدا جي مرضي

*ڇا يسوع مسيح ۾ اسان جي دل*
*اندر گناھ موجود آهيا؟*

*نہ- ائين ناهي.*

پيارا دوستو، زنا جي فعل ۾ پڪڙيل عورت يسوع جي ڪلام تي ايمان آڻي نجات حاصل ڪري ويئي. ان جي ڪهاڻي ان لاءِ بائبل مقدس ۾ درج ڪئي ويئي آهي، ڇو تہ ان کي نجات جي برڪت بخشي ويئي. پر رياڪار فقيہ، فريسي يسوع جي حضور کان ڀڄي ويا. يسوع تي ايمان آڻڻ آسمان آهي ۽ يسوع کي ڇڏي ڏيڻ جهنم آهي.

جيڪڏهن اوهان ان جي ڪمن تي ايمان رکو ٿا تہ اهي آسمان جيان آهن ۽ جيڪڏهن اوهان ان جي ڪم تي ايمان نہ ٿا رکو تہ اهو جهنم جيان آهي. مخلصي جو دارو مدار هڪ ماڻهو جي پيچ ڊڪ تي ناهي . پر اها يسوع جي نجات جي وسيلي حاصل ٿئي ٿي.

اچو عبرانيون ١٠ باب پڙهون.

ڇاڪاڻ تہ شريعت جنهن ۾ مستقبل جي سنين ڳالهين جو عڪس آهي ۽ انهن شين جي اصل صورت ناهي ان ۾ هر نموني جون قربانيون جيڪي هر سال بنا روڪ ٽوڪ جي ڏنيون وينديون آهي ويجهو اچڻ واري هرگز ڪامل نٿي ڪري سگهي ۽ نہ انهن جو گذرڻ موقوف نہ ٿئي ها.

ڇاڪاڻ تہ عبادت ڪرڻ وارا هڪ ئي ڀيرو پاڪ ٿي وينداآهن. تہ

پوءِ انهن جي دل انهن کي گهنگار ناهي چوندي ڇاڪاڻ ته اهي قربانيون هر سال گناهن جي ياد ڏيارن ٿيون ڇاڪاڻ ته ممڪن ناهي ته هو ڳئن ۽ ٻڪرين جو خون گناهن کي پري ڪري. انهيءَ لاءِ هو دنيا ۾ اچڻ وقت چوندو آهي ته «توقرباني ۽ نذر کي پسند نه ڪيوپر منهنجي لاءِ هڪ جسم تيار ڪيو پوري سوختنن قربانين ۽ گناهن جي قربانين کان ته خوش نه ٿئين. ان وقت مون چيو ڏس مان آيو آهيان (ڪتاب جي ورقن ۾ منهنجي نسبت لکيل آهي) ته جيئن اي خدا تنهنجي رضا پوري ڪريان.

مٿي تون اهو فرمائين ٿو ته تون قربانين ۽ نذرن کي پوري سوختني قربانين ۽ گناه جي قربانين کي پسند ڪيو ۽ نه ان مان خوش ٿئين اهي قربانيون شريعت جي مطابق ڪيون وڃن ٿيون ۽ پوءِ وري ائين چوين ٿو ته ڏس آءُ آيو آهيان ته جيئن تنهنجي رضا حاصل ڪريان. مطلب اهو پهرين کي موقوف ڪري ٿو ته جيئن ٻئي کي قائم ڪري انهي مرضي سبب وسيلي اسان يسوع مسيح جي جسم کي هڪ ئي قربان ٿيڻ وسيلي پاڪ ڪيا ويا آهيون. « خدا جي رضا سان يسوع اسان جي گناهن جي ڪري پنهنجي جان هڪ ئي ڀيرو قربان ڪري ڇڏي ۽ هڪ ئي ڀيرو سزا برداشت ڪئي ۽ ٻيهر زنده ٿي اٿيو.

اسان کي پاڪ ڪيو ويو «پاڪ ڪيو ويو آهي» جي لفظن لاءِ فعل ماضي استعمال ڪيو ويو آهي.انهيءَ مان اها مراد آهي ته سچائي جو ٻيهر ذڪر ڪرڻ مقصد ناهي توهان کي پاڪ ڪيو ويو آهي.

۽ هر هڪ ڪاهن ته اُٿي ڪري هر ڏينهن عبادت ڪندو هو آهي ۽ هڪ نموني جون قربانيون هر هر ڪري ٿو جيڪا قطعي گناهن کي پري نه ٿي ڪري سگهي. پر اهو شخص سدائين لاءِ گناهن جي واسطي هڪ ئي قرباني

ڪري خدا جي طرف وڃي ويٺو ۽ انهيءَ وقت کان انتظار ڪري ٿو ته ان جا دشمن انهيءَ جي پيرن هيٺان خدمتگار بڻجن ڇاڪاڻ ته ان هڪ ئي وقت قرباني ڪرڻ سان انهن کي سدائين لاءِ ڪامل ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي پاڪ ڪيا وڃن ٿا. (عبرانيون ١٠:١١-١٤) توهان سڀ هميشه لاءِ ڪامل ڪيا ويا آهيو. جيڪڏهن توهان سڀ گناه ڪندو ته ڇا توهان پيهر گنهگار ٿي ويندو؟ ڇا يسوع اهي گناه به پنهنجي مٿان نه کنيا؟ ان ائين ڪيو ان مستقل جا گناه به ڪٽي ڇڏيا.

«۽ روح القدس به اسان کي ائين ئي ٻڌائي ٿو ته ڇا ڪاڻ ته ائين چوڻ کانپوءِ خدا وند فرمائي ٿو ته عهد ۾ ان ٻنهي کانپوءِ ان سان ٻڌندو هي آهي ته پنهنجا قانون انهن جي دلين تي لکندس ۽ انهن جي ذهنن ۾ وجهندس پوءِ هو چوي ٿو ته انهن جي گناهن ۽ بي دينن کي ڪڏهن به ياد نه ڪندو. (عبرانيون ١٠:١٥-١٨).

«انهن جي معافي ٿي ويئي» ان جملي جو مطلب اهو آهي ته هن دنيا جي سمورن گناهن جو ڪفارو ڏنو ويو آهي. يسوع اسان کي ڇوٽڪارو بخشيندڙ آهي، مون ۽ توهان جو ڇوٽڪارو بخشيندڙ اسان کي يسوع تي ايمان آڻڻ سبب بچايو ويو آهي. يسوع ۾ اسان جو ڇوٽڪارو آهي ۽ اهو اعلي افضل ۽ بالاتر نعمت جيڪا اسان کي خدا جي طرفان ملي آهي ۽ توهان جن کي سمورن گناهن کان ڇوٽڪارو بخشيو ويو آهي سيني کان وڏيڪ مبارڪ آهيو.